**اختر علي گهنجو**
ليڪچرار، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج
گلستان جوهر، ڪراچي

# آغا سليم جي ناول "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" جو تنقيدي جائزو

# THE CRITICAL ANALYSIS OF AGHA SALEEM'S NOVEL, "ONDAHI DHARTI ROSHAN HATH"

**Abstarct**

Agha Saleem is an eminent Scholar of Sindhi Language, his writings included research work on Baba Fareed and Shah Lateef, Short stories and Novels are seen with apprising eyes in the Sindhi Literature. He has depicted on mysticism and History of Sindh in his Novels. He remained best seller Novelist. In this article I have critically analysed his famous Novel, "Ondahi Dharti Roshan Hath". Basically this Novel is written in the Shadow of history Sindh since Mohen jo Daro to post partition. In this novel Agha has focused on the mystical approach of the people of the Sindh.

ناول نثري ادب جي اها شاخ آهي، جنهن ۾ سڄريل زندگيءَ جا عڪس ۽ اولڙا شامل آهن. ناول کي زندگيءَ جي تنقيد به سڏيو ويو آهي ته ان ۾ زندگيءَ جي تفهيم پڻ شامل هوندي آهي. قصوءِ ڪهاڻي اوائلي دور جي تصوير پيش ڪن ٿا. جڏهن ته ناول جيئن ته سڌريل سماج جي پيداوار آهي انڪري ان ۾ سماج جي سڌريل تصوير موجود هوندي آهي. ائين به ناهي ته ناول صرف اعليٰ قدرن واري سماج جي ڳالهه ڪري ٿو. بلڪه ناول ۾ سماج جا هاڪاري توڙي ناڪاري سڀيئي پاسا موجود هوندا آهن.

ريڪس وارنر چيو هو ته "ناول لکڻ هڪ فلسفياڻي مشق آهي."

انسائيڪلو پيڊيا بريٽينيڪا موجب،

"Novel: an invented prose narrative of considerable length and a certain complexity that deals imaginatively with human experience, usually through a connected sequence of events involving a group of persons in a specific setting. Within its broad framework, the genre of the novel has encompassed an extensive rangeof types and styles".

يعني ناول هڪ اهڙو نثري ليک آهي، جيڪو مناسب ڊيگهه تي ٻڌل رهي ٿو ۽ سلسليوار واقعن وسيلي انساني زندگيءَ جي اپٽار ڪري ٿو. ناول هوندي ته زندگيءَ جا مختلف پاسا نبيري ٿو پر انهن ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻ لاءِ ناول نگار خيالي واقعن ۽ حادثن کي ناول ۾ شامل ڪن ٿا. نه صرف ايترو بلڪ ڪيترائي ذهين ناولنگار ناول جي مقاميت کي سامهون رکندي اتي استعمال ٿيندڙ شين بابت تفصيل سان ڄاڻ به ڏين ٿا.

بنيادي طور تي ناول قصي، ڪهاڻي ۽ داستان کان گهڻو مختلف آهي انڪري گهڻن ڏاهن ناول جي وصف ئي اها لکي آهي ته ناول معنيٰ نئين شئي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته،

"ناول هڪ نئين شيءِ آهي. مغربي مفهوم ۾ هن جي هڪ خاص وصف آهي. Novel انگريزي ۽ ٻين يورپي زبانن ۾ گهڻو اڳ تخليق ٿيو ۽ چيو... وصف موجب هڪ نئين ڳالهه، نئين انداز سان پيش ڪجي ته اهو ٿيو ناول."

فني طور تي ناول ادب جي اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ هڪ مرڪزي ڪهاڻي ٿئي ٿي جنهن کي پلاٽ پڻ چئجي ٿو. پلاٽ اصل ۾ مرڪزي ڪهاڻي کي چئبو آهي. اها مرڪزي ڪهاڻي جنهن جي آڌار سموري ناول جون مختلف ننڍيون ڪهاڻيون ٻيڻل هونديون آهن. پلاٽ کي اسان هيئن به سمجهي سگهون ٿا ته هي هڪ اهڙي درياهه وانگر آهي، جنهن ۾ ڪيترين ئي ننڍيون نديون داخل ٿين ٿيون يا ان مان نڪرن ٿيون. پر مرڪزي پلاٽ آخر تائين هلي ٿو.

(E. M Forster 1947) مطابق ناول جي بنياد ڪهاڻي آهي.

فاسٽر ڪهاڻي جي تعريف هيئن ڪئي آهي:

"….a story is a narrative of events arranged in time sequence ") p.44)

۽ هو اهو به چئي ٿو ته ڪهاڻي، اسٽوري ۽ پلاٽ به ڌار شيون ۽ جزا آهن:

"A plot is also a narrative of events, the emphasis falling on causality. 'the king died and then the queen died' is story. 'the king died and then the queen died of grief' is a plot". (Forster, 1974).

ناول ڪنهن به ادب جي اهم ترين صنف آهي. دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ڪيترائي اهم ناول لکيا ويا آهن: جن پنهنجي مقبوليت ماڻي. ٻر هر دور ۾ ناول هڪ جدت سان هم آهنگ ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته ناول آهي ئي صنعتي دور جي پيداوار.

ناول جيئن ته طويل نثري صنف آهي ان ڪري مقبوليت ماڻڻ ۾ وقت لڳو. ڏنو وڃي ته سنڌي ناول نگاري تمام سست رفتاري سان اڳتي وڌي آهي. بقول ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي، "سنڌ ۾ ناول جي روايت ڪن ناولن کي ڇڏي ايتري مضبوط ۽ مؤثر ناهي، جيتري ڀارت واسين سنڌي ناول نگارن وٽ آهي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ سراج ۽ آغا سليم کان سواءِ ٻين ناول نگارن اڪثر ٿلهيون اپ ۾ ترارين هنيون آهن. طبعزاد ناولن جي مقابلي ۾ ترجما جڳ مشهور ناول نگارن جا ڪيل آهن. طبعزاد ناولن ۾ قوم پرستيءَ جي پسمنظر ۾ سراج ۽ آغا سليم جا ناول نهايت معياري آهن. انهن کي ناول چئي سگهجي ٿو. هونئن بيشتر سنڌي ناول پريم ڪهاڻيون محسوس ٿين ٿيون، جن جو پڳدار ناول، الله بخش ٽالپر جو "پرديسيءَ جو پيار" آهي."

اهڙيءَ ريت جديد ناول نگاري ٿوري سست رفتاريءَ سان ئي سهي پر اڳتي وڌندي رهي، ورهاڱي ڪانپوءِ جن ناول نگارن پاڻ موکيو انهن ۾ پهريون نالو سراج جو اچي ٿو جنهن سنڌي ادب ۾ پهريون پيرو ناولن جي ٽريالوجي لکي ۽ پوءِ ٻي نمبر تي آغا سليم اچي ٿو جنهن تاريخي ناول نگاريءَ ۾ وڏو نالو ڪڍيو. آغا سليم جي ناول نگاري پنهنجي الڳ فن ۽ ٽيڪنيڪ سبب تمام گهڻي مشهور ٿي ۽ تاريخي حوالن سان لکيل سندس ناول سنڌي ادب ۾ هڪ الڳ مقام رکن ٿا.

فڪري لحاظ کان آغا سليم جا چارئي ناول تصوف، قوم دوستي ۽ انسان دوستيءَ جي فڪر سان پريل آهن. تصوف جو فڪر پڻ بنيادي طور تي

انسان دوستيءَ تي ٻڌل آهي. ۽ قوم دوستي پڻ اصل ۾ انسان دوستي ئي آهي. ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته انسان دوستي ئي آغا سليم صاحب جي ناولن جو بنيادي فڪر آهي. انسان دوستي جنهن جي لاءِ فرانس جي وڏي فلسفي جان پال سارتر جو چوڻ آهي ته، ”انسان دوستي لفظ جون ٻه معنائون آهن. جنهن مان اهو نظريو پڻ مراد وٺي سگهجي ٿو جيڪون انسان کي هڪ مقصد ۽ عظيم قدر طور پيش ڪري ٿو ۽ جنهن جو مثال اسان کي ”80 ڪلاڪن ۾ دنيا جو چڪر“ واري ڪهاڻي ۾ به ملي ٿو. جنهن جو هڪ ڪردار چوي ٿو ته چاڪاڻ ته هو جهاز تي ويهي جبلن جي مٿان اڏامي رهيو آهي ان لاءِ هو عظيم انسان آهي. جنهن مان مطلب اهو ٿو نڪري ته هن پاڻ جهاز ناهي ٺاهيو پر ڪيس جهاز مان لاڀ حاصل آهي ۽ انسان هجڻ جي ناطي هو پاڻ کي انهن ايجادن لاء ذميوار سمجهي ٿو...وجوديت ان قسم جي هر فيصلي کي رد ڪري ٿي. ڪو به وجودي دانشور انسان کي ڪڏهن به ڪو مقصد قرار نه ڏيندو چاڪاڻ ته انسان جو تعين ڪرڻ اڃا رهيل آهي. ۽ اسان کي ڪامٽي وانگر اهڙو ڪو به يقين درڪار ناهي ته انسانيت ڪا اهڙي شي آهي جنهن تي ڪو مسلڪ مڙهي سگهجي ٿو. انسانيت جو پنهنجو مسلڪ فسطاعيت وانگر ڪامٽي جي انسان دوستي ۾ اڳ ئي ختم ٿي وڃي ٿو. ۽ اسان کي اهڙي انسان دوستي نٿي گهرجي. انسان دوستي جو هڪ ٻيو به مفهوم آهي جنهن تحت انسان هميشه پنهنجي ذات کان ٻاهر رهي ٿو. هو پاڻ کان ٻاهر پاڻ کي گم ڪرڻ ۽ ظاهر ڪرڻ سان ئي پنهنجو وجود ميرائي ٿو. ۽ ٻي طرف اعليٰ مقصدن جي جستجوخاطر پنهنجو وجود ميرائڻ جي قابل بڻجي ٿو. اهڙي طرح انسان پاڻ کان عظيم ٿئي ٿو ان ريت هو شين کي گرفت ۾ آڻي پاڻ ئي ماورائيت جو مرڪز بڻجي ٿو.“

> ڪارلس ليمينٽ پنهن جي جڳ مشهور ڪتاب، ”انسان دوستي جو فلسفو“ ۾ لکي ٿو ”انسان دوستي جو روح جديد عهد ۽ ترقي يافته قومن ۾ وسيع ۽ شعوري قاعدن جي تلاش سان گڏ تڏهن کان موجود آهي ۽ انساني نسل ۾ ڪا شڪل وٺڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي جڏهن پهريون پيرو هن سياري (ڌرتيءَ) تي اسان ظاهر ٿياسين. ان لاءِ انسان دوستي هڪ بهتر انساني دنيا قائم ڪرڻ لاءِ نه صرف نسل انساني جي موجده رجحانن کي گڏ ڪري رهي آهي بلڪه انساني سوچ ۽ ڪوشش جي صديون پراڻي تاريخ ۾ اسانجي بهتر خواهشن جو خلاصو پڻ پيش

ڪري ٿي.”

سنتيانا چيو هو ”فطرت پسند شاعرن خيالي دنيا کي ڇڏي ڏنو آهي، ڇاڪاڻ ته هنن فطرت ، تاريخ ۽ اصل انساني جذبن کي ڳولهي لڌو آهي. هاڻي سندس تخيل پختو بڻجي چڪو آهي.”

ساڳيو فڪر ۽ فلسفو آغا صاحب جي ناولن ۾ موجود آهي. آغا وٽ زندگيءَ کان فرار واري رومانيت نه آهي، بلڪ سندس ذهن شعور جي وهڪري ۾ لڙهندو زمان ۽ مڪان جا تفاوت مٽائيندو تاريخ جي مختلف تهذيبي دؤرن ۾ پٽڪندو رهي ٿو. سندس تصور انسان جي بلند ترين ۽ ارفع مقام تائين پهچي وڃي ٿو ۽ نيٺ اهو فن جي مثال جو اهڙو روپ ڌاري ٿو جيڪو ابديت جو ضامن بڻجي پوي ٿو. هن اهڙين تخليقن ۾ محبت کي مرڪزي جاءِ ڏني آهي. هن انساني فطرت ۾ محبت جي جذبي کي سطحي طرح نه پر هڪ سحر آفرين جذبي جي حيثيت سان پيش ڪيو آهي ۽ محبت کي انساني تهذيب ۾ هر لطيف فن جي تخليق جو راز ڄاڻايو آهي. هو معمولي بجاءِ غير معمولي، ظاهر ۽ واضح شين جي بدران پوشيده ڳالهين کي واضح ڪرڻ جو قائل آهي. انهيءَ ڪري ئي جديد سنڌي افسانوي ادب جي تخليقارن ۾ هن کي نمايان حيثيت حاصل آهي.”

يعني آغا صاحب انسان کي اول حيثيت ڏئي ٿو هن جا سڀئي ناول ان جذبي سان سرشار آهن. هو ڪنهن به مذهبي مت ڀيد تي يقين نٿو رکي. بلڪ هن جو خيال آهي ته انسان ئي سڀ کان اهم ۽ مقدم آهي. آغا صاحب جو خيال آهي ته مڙني مذهبن کان انسان دوستيءَ وڌيڪ اهم آهي،

سندس هر ناول جي سٽ سٽ انسان دوستيءَ جي جذبي سان سرشار آهي. فني لحاظ کان سندس ناول مختلف خوبين جا مالڪ آهن پر فڪري لحاظ کان ٻيا فڪر رکندي به سندس ناول بنيادي طور تي انسان دوستيءَ جي فڪر جو پڌرنامون محسوس ٿين ٿا، جنهن ۾ تاريخيت کي موضوع بڻائي انسان دوستيءَ جو پرچار ڪيو ويو آهي.

ناول ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘ ۾ سنڌ جي تاريخ کي آدرشي انداز ۾ موهن جي دڙي کان وٺي پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ لڳ ڀڳ 70 سنڌ جي ڏهاڪي تائين جي تاريخ کي بيان ڪيو ويو آهي. هي ناول پنهنجي مرڪزي ڪردارن سارنگ ۽ سنڌو جي چوڌاري ڦيري ٿو. سارنگ ۽ سنڌو جا مرڪزي ڪردار هن ناول ۾ پنج پيرا آيا آهن.

پهريون دفعو: موهن جي دڙي جي دور ۾ جنهن ۾ سارنگ هڪ بت تراش آهي ۽ سنڌو هڪ مها پوڄارڻ آهي، سارنگ سنڌو سان پيار ڪري ٿو ۽ هو سندس خوبصورت بت ٺاهي ٿو جيڪي بت ڏسي سنڌو پڻ سانڻس پيار ڪري ٿي ۽ چوي ٿي:

"منهنجو هي جسم سپاٽي فنا ٿي ويندو ۽ ڪئين جي خوراڪ ٿي ويندو پر تون جيڪا مورتي ٺاهي آهي اها صدين تائين جيئندي رهندي ۽ آءٌ تائين جيئندي رهندس."

هوءَ سارنگ جي آڱرين مان روشني جا ڪرڻا نڪرندي محسوس ڪري ٿي ۽ جڏهن مها پوڄاري سارنگ جا هٿ وڍائي ٿو ته جيئن هو ٻي ڪنهن جي اهڙي خوبصورت مورتي نه ٺاهي سگهي ته سنڌو روئي پئي ٿي. سنڌو رنجيدا ٿي پئي ٿي ۽ چوي ٿي ته فنڪار جا هٿ نه وڍيو هن ۾ روشني آهي.

هن ناول ۾ سارنگ ٻيو ڀيرو هڪ برهمڻ ٿي اچي ٿو جيڪو سنڌو سان پيار ڪري ٿو ۽ سنڌو هن دور ۾ وئشا آهي تاريخي طرح سان هي دور عربن جي پڄاڻي ۽ سومرن ۽ سمن جو دور آهي ۽ هن دور ۾ گنان جو ذڪر اچي ٿو جيڪو سارنگ پڻ بيان ڪري ٿو ۽ جڏهن برهمڻ سان پيار ڪرڻ جي سزا طور سنڌو کي نيڪالي ڏني وڃي ٿي ۽ برهمڻ پنهنجي ڌرتي لاءِ جان جو نظرانو ڏي ٿو. ان وقت سرانگ جي سوچ هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿيندي ڏيکاري وئي آهي.

ناول جي ٽين حصي ۾ سارنگ جي ملاقات فلپ سان ٿئي ٿي جيڪو هڪ انگريز حاڪم هو ۽ هن جي سارنگ سان تمام گهڻي دوستي ٿي وڃي ٿي ۽ هو ڪائنس شاهه صاحب جا بيت ٻڌي ۽ سمجهي ٿو ۽ هو سنڌي سکي ٿو هو شاهه لطيف جي بيتن ۾ پنهنجي محبوبا مارگريٽ کي ياد ڪري ٿو ۽ سنڌو نديءَ کي هو ڪيمزندي سان ڀيٽي ٿو ۽ پنهنجي شاعرن جي شاعري پڻ ياد ڪري ٿو هن کي ٽينسن جو نظم ليڊي آف شيلاز ياد اچي ٿو ۽ هو سوچي ٿو ته اسان کي شاعر ٿيڻ کپندو هو پر اسان (East India Company) ۾ ڪلارڪ ٿي ويا آهيون. فلپ جو ڪردار هن ناول ۾ تمام گهڻو ڏيکاريو ويو آهي. هن ناول ۾ فلپ ويس مٽائي ٻه ڀيرا آيو آهي.

پهريان: هو ايسٽ انڊيا ڪمپني جو بنيادي ملازم ٿي آيو آهي ۽ هو پنهنجي محبوبا مارگريٽ کي ياد ڪري ٿو. ٻيو ڀيرو: فلپ سنڌ جو ڪمشنر ٿي

آيو آهي جيڪو سنڌ سان بي پناهه محبت ڪري ٿو. سنڌي الفابيٽ جو ڪم ڪرائي ٿو. آبپاشي جو نظام ۽ ريلوي جو نظام ترتيب ڏي ٿو ۽ دعوا ٿو ڪري ته سنڌ سان ٿيل هاڃن يا نقصانن جو هو ازالو ڪندو پنهي دورن ۾ سارنگ سندس دوست ٿي سامهون اچي ٿو. پهرين دور ۾ سارنگ سندس شاهه سائين جا بيت سمجهائي ٿو ۽ ٻئي دور ۾ سنڌي الف – ب. ترتيب ڏيڻ ۾ سارنگ سندس مدد ڪري ٿو پر اوچتوئي اوچتو سارنگ ڪي منظرنامي تان غائب ڏيکاريو ويو آهي ۽ هڪ دفعي انگريزن جي فوج تي راتاها هڻڻ ۽ انگريز فوج ڪي تمام وڏو جاني نقصان ڏيڻ جي ڏوهه ۾ سارنگ جلهجي اچي ٿو ۽ هو فلپ جي سامهون پيش ٿي ٿو اهو فلپ جيڪو ڪيس هميشه پنهنجو جاني دوست سمجهندو هيو.

ناول جي هن موڙ تي فلپ هن جي موت جي سزا تي صحيح ڪري ٿو ۽ هن ڪي توب جي منهن ۾ ڏئي اڏائيو وڃي ٿو.

ناول جي آخري حصي ۾ سارنگ ڪي شڪارپور جي ويجهو هڪڙي ڳوٺڙي جو رهواسي ڏيکاريو ويو آهي. سارنگ جو پيءُ هن جي لاءِ وڏي آفيسر ٿيڻ جا خواب ڏسي ٿو ۽ هو قرض وٺي وڏيڪ تعليم لاءِ ڪيس ڪراچي موڪلي ٿو جتي سندس ملاقات سنڌو ۽ موهن سان ٿئي ٿي جيڪي ڪيس بي پناهه محبت ڏين ٿا ۽ هو پڻ سنڌو جي محبت ۾ گرفتار ٿي وڃي ٿو توڙي جي هن ڪي اها خبر آهي ته سنڌو سندس پياري دوست موهن جي محبت آهي.

هن ناول ۾ هي انهن ڏينهن جي ڪهاڻي آهي جڏهن پاڪستان ۽ هندستان ٻه ڌار ملڪ ٿيڻ وارا هئا ۽ سارنگ سنڌو ۽ موهن ڪي ريل ۾ وهاري هندستان موڪلي اچي ٿو ۽ اسٽيشن تان ئي زينب ۽ علي جعفري ڪي وٺي سنڌو جي گهر رهائي ٿو ۽ هو انهن سان گڏجي نئي تحريڪ جو آغاز ڪري ٿو جنهن جو بنيادي مقصد هارين نارين ۽ غريبن ڪي سندس حق ڏيارڻ هو ان تحريڪ جي مختلف دورن ۾ هو ڪيترائي پيرا جيل وڃي ٿو ۽ هن جو جگري دوست علي جعفري ۽ سندس پيڻ زينب جيڪي بنيادي طور تي پناهه گير هئا اهي ٿوري تڪليف پهچڻ ڪانپوءِ سارنگ جي تحريڪ ڪان ڌار ٿي وڃن ٿا ۽ هو اڪيلو سِر ڪڏهن سکر ڪڏهن مچ جيل ته ڪڏهن ڪراچي جيل ۾ قيد ڏيکاريو ويو آهي.

ناول جي پڇاڙي انتهائي ڏکوئيندڙ آهي جنهن ۾ سارنگ ڪي سموري تحريڪ ۾ ناڪام ڏيکاريو ويو آهي توڙي جو هو اهو چوندو ڏيکاريوويو آهي ته ٻج ڪڏهن ٻه ناهن مرندا هو زمين ۾ دفن ٿي وڏي نوان سلا ٻڻجي ڦٽندا آهن ۽

نئين بهار سامهون آڻيندا آهن پر هن ناول جو هيرو سارنگ جنهن هن ناول ۾ ڪيترائي روپ مٽايا آهن پنهنجي پنجين ۽ آخري روپ ۾ جيل جي سختين کان لاچار ڏيکارويو ويو آهي ۽ آخر ۾ هو شڪارپور جي ويجهو پنهنجي ڳوٺڙي ڏانهن موٽندي ڏيکاريو ويو آهي. جتي سندس مڱيندي سڪينه سندس انتظار ۾ اڇو مٿو ڪري چڏيو آهي هو سڪينه سان ملندي ئي مري وڃي ٿو ۽ ٻاهر 14 آگسٽ جو جشن ڏيکاريو ويو آهي.

## تنقيد:

ناول کي تاريخي قصن ۾ بي ترتيب ڪنيو ويو آهي موهن جي دڙي ڪانپورءِ عربن، سومرن ۽ سمن جي دور ۾ سارنگ جي ڪردار کي ايترو ته ڏگهو ڏيکاريو ويو آهي جڻ ته سندس عمر سوين سال هئي. اهو ساڳيو سارنگ محمد بن قاسم جي دور ۾ به ڏيکاريو ويو آهي ته دودي سومري جي جنگ ۾ به حصو وٺي ٿو. هو برهمڻ بڻجي سرندو به کٽي ٿو ته تلوار کڻي انگريزن جي فوج تي راتاها به هڻي ٿو. هو شاعري به ڪري ٿو ته مذهبي پيشوا (عالم) بڻجي خطبا به ڏي ٿو.آخري پيرو سارنگ کي ڪڏهن هوٽل تي رهايل ڏيکاريو ويو آهي ته ڪڏهن موهن جي گهر کان هاسٽل ڏانهن روانو ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. اها بي ترتيبي پڙهندڙ جي دماغ ۾ ناول جي جڙيل خاڪي کي منتشر ڪري ٿي. ساڳيو شڪارپور جي ويجهو هندو ڇوڪري کي پاڻي ڀريندي ڏسي ٿو ته هنن کي پاڻي ڀري ڏي ٿو ته ڪڏهن پنهنجا ڪٽيل هٿ پاڻي پيئڻ لاءِ هندو ڇوڪرين اڳيان وڌائي ٿو (هن ناول ۾ Irrelevance and relevance scene) ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو پڙهندڙ کي منجهائي ٿو. هو گهوڙي تي چڙهي ڪنهن اڻ جاتل ماڳ ڏانهن ويندي ڏيکاريو ويو آهي ته ڪڏهن وري گهوڙي تان لهي پنڌ ڪندي ڏيکاريو ويو آهي ۽ سامهون ويٺل شخص هن جي قدمن جو آواز ٻڌي ٿو.

مجموعي طور ناول اونڌاهي ڌرتي روشن هٿ سنڌ جي بي ترتيب تاريخ آهي جنهن ۾ واقعن کي تاريخي پسمنظر کان هٽائي پيش ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ نائونمل کي غدار ۽ ابراهيم ڪلمتي کي سنڌ جو جووفادار ڏيکاريو ويو آهي. حالانڪ تاريخ شايد آهي ته ابراهيم شاهه ۽ ابراهيم ڪلمتي غداري ڪئي هئي ۽ نائونمل پاڻ سان ٿيندڙ ظلم جو انتقام ورتو آهي.

## حوالا:


1. ناول ڪيا هئہ، ڊاڪٽر محمد احسن فاروقي، دانش محل امين الدولہ پارڪ لکنئو اپريل، 1948ع، ص، 4
2. https://www.britannica.com/art/novel
3. سنڌي ادب جي تاريخ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،
4. Forster, E. M (1074). Aspects of the novel. Edit. Oliver stallybrass. Great Britain: Penguin Books.
5. ساڳيو حوالو
6. وجوديت ۽ انسان دوستي، سارتر، ترجمو قاضي جاويد، لاهور، صفحو 41
7. انسان دوستي جو فلسفو ڪارلس ليمينٽ، ترجمو امجد علي ڀٽي، فڪشن هائوس لاهور 2007ع، صفحو 63
8. انسان دوستي جو فلسفو ڪارلس ليمينٽ، ترجمو امجد علي ڀٽي، فڪشن هائوس لاهور 2007ع، صفحو 334
9. نور افروز خواجا ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي جرنل، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ايڊيٽر، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2016ع
10. اونداهي ڌرتي روشن هٿ

# حصّہ اردو

خلیل احمد
پی ایچ ڈی سکالر شعبہ عربی
جامعہ اردو۔ کراچی
-
ڈاکٹر سردار احمد
اسسٹنٹ پروفیسر شعبہ عربی
جامعہ اردو۔ کراچی

# مخدوم محمد ہاشم ٹھٹھوی رح کے عربی اشعار کا تحقیقی جائزہ

# RESEARCH ANAYLISES OF ARABIC POEMS OF MAKHDOOM MUHAMMAD HASHIM THATVI

**Abstract**

Hazrat Maulana Makhdoom Muhammad HashimThattawiborned in the house of Makhdoom Abdul GafoorThattawi on Wednesday, 10 Rabbi al-Awal 1104 AH as of 19 November 1662 AD. He acquired primary education from his father who was the prominent scholar of his time and he belonged to the Arab tribe of Haris bin Abdul Muttalib. And he received higher education from different and famous scholars of his age, in which scholars of Sindh and Harmain (Makkah and Madinah) are remarkable. And he is counted in Sindh's historians, narrative scholars, religious scholars, poets and writers. He published a number of books of which Kifayat-ul-Qari, Athaf Al-Akabir, and BiyazHashmi are on top.

And he had the command on many languages of which Arabic, Persian and sindhi are prominent. He was the on the top of poets of his age along with being the author and compiler. He read poetry in Arabic, Persian and Sindhi at a time.

And he had dedicated his entire life to the publication,